098
P. P.r.a

پيو پاسو

(ڪارٽونن جو مجموعو)

ڪارٽونڪار

سندر اگناڻي

سمپادڪ

پرڪاش

8398
A-J (69)

ٻيو پاسو

(ڪارٽونن جو مجموعو)

000023

ڪارٽونڪار

سندر اگناڻي

سمپادڪ

ڊاڪٽر پريم پرڪاش

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشنس،
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر - ٣.

گهرو وزير...!

هو گهرو کاتي جو وزير آهي کو توهانجو گهرو وزير
کونہ آهي جو جڏهن چاهيو اُن سان گڏجي سگهو ٿا،
پڇو هتان تہ هٽانوَ نہ ...!

BIYO PASO

(Collection of Cartoons)

By : SUNDER AGNANI
Edited by : Dr. PREM PRAKASH

Sindhi Times Publications.
90, Laxmi Market, Ulhasnagar-3.
Tel. 544100

Published By :
Suresh Paryani
For The Sindhi Times Publication.

Printed by :
The Impression
185, Jaleb Chowk, Jaipur-2

Computer Typesetting by :
ABC Creations, 142, Sindhi Colony,
Bani Park, Jaipur-16 Tel. 203565

Price : Rs. 50/-
Year : 1998

Author's Address :
3-TA-24, Jawahar Nagar,
JAIPUR-302 004

SINDHI TIMES
(Quarterly Book Series)
Yearly Subs. Rs. 80/-
Half Yearly Subs. Rs. 50/-

ڪتاب بابت...

اڄ سڄي دنيا جي گهڻو ڪري جدا جدا ٻولين جي گهڻين اخبارن ۾ ڪارٽون ڇپجن ٿا. ڪن وقتن تي سنڌي اخبارن / رسالن ۾ به ڪارٽون ڇپبا رهيا آهن. هي شايد پهريون ئي دفعو آهي جو هفتيوار سنڌي ٽائيمس ڪجهه عرصي کان اخبار جي هر پرچي ۾ ڪارٽون، ڇپي ٿي. اخبار ۾ ڪارٽون اچن ٿا، ان جو چڱو آءُ ڀاءُ ٿيو آهي. ڪڏهين ڪڏهين ڪنهن ورجايو به آهي ته اُنهن ڪارٽونن ۾ ڪن شخصن جا نالا ڏيئي، ذڪر نه ڪيو وڃي ته بهتر آهي، ڪارٽون پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ذڪر آهي، ان جي سمجهاڻي ڏيڻ ضروري ڪونه آهي. هيءُ پهريون دفعو آهي جو ڪنهن سنڌي هفتيوار اخبار طرفان، جدا جدا وقتن تي آيل ڪارٽون گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڏنا ويا هجن.

جيتوڻيڪ تازو ٽائيمس آف اِنڊيا طرفان گذريل پنجاهه سالن ۾ روزانو اخبار ۾ آيل ڪارٽونن جي گڏيل انداز مان ڪجهه انداز ڪارٽون چونڊي هڪ ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن اُهي آهن آر. ڪي. لڪشمڻ جا ڪارٽون. ڪئن به، اڄ ڀارت جي جدا جدا اخبارن ۾ ڪارٽون اچن ٿا، جن مان سڌير، شنڪر، تيلنگ ۽ لڪشمڻ مشهور ڪارٽون ڪيندڙ ڪلاڪار پرسڌ آهن. ڪنهن زماني ۾ ته شنڪرس ويڪلي نالي سان هڪ هفتيوار انگريزي اخبار به نڪرندي هئي، جنهن ۾ فقط ڪارٽون ڏنل هوندا هئا ۽ هاڻ به رائپور (ڀلائي) مان هندي ۾ ماهوار رسالو ”ڪارٽون واچ“ (Cartoon Watch) نالي سان نڪرندي آهي، جنهن ۾ فقط ڪارٽون ڏنل هوندا آهن.

ڪارٽون ڏسندي ڪجهه کلجي ٿو، ڪجهه سوچجي ٿو. سچ پڇ ته ڪارٽون جو مطلب اهو ئي آهي ته کلندي کلندي ڪجهه سوچائي - ديش جي، سماج جي، شهر جي حالتن، گهٽنائن بابت. انهن ڪارٽونن مان پهرين ڪارٽون سترهين صدي ۾ هڪ انگريز چترڪار وليم هوگرٿ (سن 1764 - 1617) ڪڍيو هو ۽ هو ئي ڪارٽون ڪلا جو جنم داتا ليکيو وڃي ٿو، جيتوڻيڪ ڇيو وڃي

ٽيون جنم...!

پهريون دفعو
WISH U A HAPPY BIRTH DAY -FEB '97
ٻيون دفعو
HAPPY B'DAY -ON 9.3.97
ٽيون دفعو
HAPPY BIRTH DAY AGAIN ON 15-3-1997
N.BBY

سندر اگناڻيءَ جي نظر جو ٻيو پاسو

○ پريم پرڪاش

رواجي طرح سندر جا ڪيترءِ اظهاري سرشتا گهٽيئي آهن، پر سندس هر اظهار ۾ طنز نمايان هوندي آهي، ڪهاڻي، ناٽڪ، ڪارٽون...سندر جا سڀ ڪن ڪارٽون ايڊٽ ٿيڻ لاءِ منهنجي سامهون آهن.

ڪارٽون جا وشيه سندس آسپاس جا هوندا آهن. سنڌي جيوت (؟) ٻولي، تهذيب، ساهتيه، ڪلا سان وابستہ...اِن ئي آسپاس سان اسانجو بہ سنبنڌ آهي. تنهنڪري هي آسپاس سندس ئي نہ، اسانجو بہ آهي. اسين سڀي جذبي وس سنڌي جيوت، ٻولي، تهذيب، ساهتيه ڪلا جا خير خواه آهيون. يا خير خواه رهڻو پوندو آهي...يا اهڙو ڀاوَ (مڪر) ڏاڍي صفت سان اظهاري وٺندا آهيون. پوءِ پسپيش اسين پنهنجين نجي منوورتين جي ور چڙهي، صرف پنهنجا خير خواه ٿي پوندا آهيون. نجي سوارٿ لاءِ هر مُله وٺائي ڪائي وٺندا آهيون. ڪنهن بہ گراوٽ تائين لهي ايندا آهيون. پوءِ پاڻ کي ڏيکيندا (اڃڪلھ اِهو بہ ڪونہ ڪندا آهيون) ۽ ٻين کي اُگهاڙو ڏيندو ڏسڻ چاهيندا ضرور آهيون. ائين هڪ اڻ چيل سازشي چپ ۾ شامل هوندا آهيون. سندر جا ڪارٽون اِن چپ کي ٽوڙين ٿا. سازش کي واڪو ڪن ٿا. سندر جو اِهو پنهنجو آواز آهي - هڪ اڪيلي جو آواز. هن سان ڪوئي شامل ڪونهي. هوُ ڄاڻي ٿو اِهو سفر سندس اڪيلي جو آهي. ساهتيه جي ڪابہ اهڙي صنف ڪونهي يا ٻيو ڪو سنڌيءَ ۾ ڪلا جو اظهار جو واهڻ ڪونهي جنهن ۾ ڪلاڪار هن روپ ۾، اڪيلو ئي، دوبدو، لڙائيءَ ۾ لهي اچڻ لاءِ تيار هجي. نہ ڪوئي سامهون اچي، نہ ڪو ساڻ هجي. سندر ڪارٽون - هٿيار سان مئدان ۾ اڪيلو آهي. مونکي اچا طيءِ ڪرڻو آهي تہ اِها سندس خوشقسمتي

ٿو تہ هوگرٿ کان اڳ بہ ڪي شخص چٽر ڪدي، ان وقت جي ڪمن بابت آلوچنا ڪندا هئا. پر هوگرٿ لڳاتار ڪارٽون ڪدي، ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو ۽ هن طنز دوران غلط ڪمن جي اوگھڙ ڪئي ۽ انهن چٽرن کي ڪارٽون جو نالو ڏنو ويو. هوگرٿ جي طرز تي هڪ ٻئي انگريز چٽرڪار ٿامس رونالڊس ان کي اڳتي وڌايو.

اُڻويهين صديءَ جي شروع ۾ يورپ جي ڪيترين اخبارن ۾ ان نموني جا ڪارٽون ڇپجڻ لڳا. سياسي ڪارٽونن ۾ فرانس جو ڪارٽونسٽ هونر ڊريمر (1874 - 1808) پرسڌ هو. هن حڪمراني ۾ آيل شخص يا حڪمران ڌر جي اندر پرشٽاچار بابت ڪارٽون ڪديا.

مهاراشٽر ۾ پڻ بالا صاحب ٺاڪري ڪنهن زماني ۾ فري پريس جرنل ۾ ڪارٽونسٽ طور، آر. ڪي. لڪشمڻ سان گڏجي ڪم ڪندو هو ۽ هن صاحب پوءِ مرهٽي ۾ هفتيوار اخبار ”مارمڪ“ بہ ڪدي هئي.

اڄ سنڌي ڪارٽونن جي ڪا هفتيوار اخبار تہ ڪانہ آهي، پر روزانين اخبارن ۾ بانيم ڪارٽون ڪونہ ٿا اچن.

اسان شڪرگذار آهيون شري سنڌز اگناڻي جا، جنهن صاحب اها ڪوٽ پيري آهي ۽ هفتيوار سنڌي ٽائيمس کي بانيم ڪارٽون ڏيندو اچي ٿو ۽ اميد تہ ڏيندو رهندو. هي ڪتاب سنڌي ٽائيمس ۾ آيل گهڻن ڪارٽونن جا مجموعو ”بيو پاسو“ نالي سان ظاهر ٿي رهيو آهي، جو اميد تہ پسند پوندو.

- نارائڻ ڀارتي

ڪونہ ٿيندو آهي. فرق صرف انٽينسٽي، پيشڪش، گهرائي (اونهائي) ۽ اُڏام جا هوندا آهن. سندر کي خبر آهي سنڌيءَ ۾ هونءَ بہ وڏي تعداد کي فن جي پڪڙ جي خبر ڪونہ هوندي آهي، خبر هوندي آهي تہ درڪار نہ هوندي آهي، درڪار هوندي آهي تہ تخليق جي بنيءَ ۾ شيخ ڪباب ٿيڻ جو جگر نہ هوندو آهي. چيز کي ''مقبول'' جو سڪو هٽي خوب هلايو ۽ هلايو ويندو آهي. سندر اِن منوورتيءَ واري ڪيچڙ کان پنهنجي ڪشتي بچائيندي، وهندڙ نديءَ ۾ ڪٽي ويو آهي. پر لهرن جي اُلٽي دشا ۾ هلڻ جو گرامر اوڙ آهي. اڳئين سال آديپور ۾ سنڌالاجيءَ پاران ڪنهن سيمينار دؤران، هِت هُت، هر وقت سيني ۾ سندر جي تازه نڪتل ڪتاب 'رهندون' جي چرچا هئي. ٺهڪ هئا. ٻين تي کلڻ سولو. اُت پاڻ تي بہ ڪجهہ کليا، کلڻ ئي پوي. مونکي خبر آهي، کي اندران ڪيترو سچيت هئا. ڪيبائي رهيا هئا. اکيون چورائي ٿي ويا. ٻين تي طنزون ٿي رهيون هيون، سڀ مزو وٺي رهيا هئا. ڊزنن ۾ لفظي ڪارٽون نهي پيا هئا. سندر پل پڌرناما ڪيي تہ سندس مُراد ڪنهنکي ڏکوئڻ ڪونهي. سڀئي سندس ويجها دوست آهن. هوُ صرف اِنساني فطرت جي اونده واري ٻئي پاسي طرف آگر کٽي رهيو آهي، جيڪو صرف مجموعي طور سنڌي تهذيب - قوم کي کلئي عام ڌهرم رسائي گهاتڪ ثابت ٿي رهيو آهي. پر اِهي طنزي ڪارٽون سيني کي هضم نہ ٿي رهيا آهن. تہ اسين پنهنجين غليظ ۽ غلط منوورتين کي ڇڏي نئا سگهون. اسين اِنهن کان الڳ نئا جي سگهون. اسين پاڻ کي پنهنجين نظرن ۾ اوچو ڏسڻ جو جگر نئا رکئون. سندر کي بريءَ طرح انجو احساس آهي تہ هرڪو اندر ۾ سندس لاءِ هڪ ڏمريل ڏهڪاءُ بہ پالي ٿو. سندر جو اِهو درد ڪوئي ونڊڻ وارو ڪونهي. پر اِها حقيقت آهي تہ سندر هنن ڪارٽونن سان، اسانکي، هڪ ئي وقت، ساهتيہ ڪلا تهذيب جي هر رستي تي وياپڪ ملين منوورتيءَ سان دوبدو بيهاري آعينو ڏيکاريو آهي. اِئين ڪونهي تہ اسانکي اِنجي خبر ڪونهي. پر هت اهميت اِن ڳالهہ جي آهي تہ سندر اِن 'سڀ' جي وروڌ اکيلي سر آگر کنيو بيٺو آهي، ساڻس همراه ٿيڻ لاءِ اِهو خاموش سڌ بہ آهي. هوُ بيپرواه آهي، گستاخ ناهي. بي باڪ آهي. مڙسي ڏيکاري

آهي يا بد قسمتي. اِن ارت ۾ سندس ڪارٽونن جي ڪارگرتا جي اهميت ڪجهه الڳ ضرور جڙي ٿي.

ڪردار هوُ آسپاس مان چونديندو آهي. بلڪ چوُنڊجي ويندا آهن. اِهي ڪردار سندس پنهنجا ويجها واقفڪار يار دوستار سڄڻ هوندا آهن، جن سان سندس گهٽي ڏي وٺ آهي، اُٿڻ ويهڻ هوندو آهي، سهه يانرا هوندي آهي. ها، ڪردار هوُ پاڻ به هوندو آهي. هٽ اچي ويلن کي هوُ ڇڏيندو ڪونهي، رعايت خئر ڪا ڪندو آهي. پر ڪيترا وشيه ۽ ڪر-ار اجا چوُطرف موُجود آهن. طنزي ڪارٽون لاءِ جيڪي اچي ويا آهن، اچي ويا آهن، ڪيترا رهجي به ويا آهن. رهجي ويل وشين ۽ ڪردارن جو حصو اجا گهڻو آهي. ڪيترا وشيه اجا به وڏيڪ ڀيانڪ غلاضتن وارا آهن. ڪيترا ڪردار ڪميٽائپ جي وڏن ڪاروبار جا ڪُرسيڏاري آهن. اِهي سنڌي قوم جي هر پهلوُءَ جي دامن کي داغدار ڪري رهيا آهن. ڪجهه ته دامن لاهي ڪيسي حوالي ڪيو ڦري رهيا آهن. ڏَل ڏَل جو تلاوَ اووَرفلو آهي. اڪيلي آواز کي ڪو ارٿ ڪونهي، اِنڪري ڪجهه چپ آهن، ڪيترا سيني سان شامل آهن ۽ باقي سيئي جتي ڪٿي آهن.

وشيه ۽ ڪردارن جي ڪوٽ ڪونهي. هڪ چڱي رينج سندر پنهنجي طنز لاءِ مهيا به ڪئي آهي. هر طنز ۾ هوُ وشيه ۽ ڪردار سان نئين چگهه، نئين ڪند سان تازه آهي. اسانجي ڪارٽون ماڻڻ جو سلسلو خواه طنز طرف رد عمل جي وهڪ، منڍ کان آخر تائين اَروڪ رهي ٿي. اِهائي سندر جي قوت آهي. هوُ گهڻو سجاڳه آهي چوند ۾، سمپادن ۾، طنز ۾، فني تقاضائن ۾، اظهار ۾، پيشڪش ۾.

سندر جا **ڇهڏزيون** (1960) ۽ **سچ ۽ سچ** (1968) **ڪتاب**، ڪارٽونن جا، مون ڪونه ڏٺا آهن. البت اِهو ياد آهي ته **سهڻي** مخزن ۾ سندس ڪارٽون ڇپبا هئا. وچ واري سمي کي ڇڏي هن وري ڪارٽون ناهڻ جو سلسلو جاري رکيو ۽ 1997 ۾ ''**رهنڊون**'' ۽ اِن ئي سال انگريزيءَ ۾ NCPSL ڪارٽونن جا ڪتاب ظاهر ڪيا. هاڻ 1998 ۾ ''ٻيو پاسو'' سئه ڪارٽون. ڏسجي ته سندس سفر 1960 کان جاري، تقريبن چئن ڏهاڪن جو آهي. ظاهر آهي سندس هٿ آزمودگار ڪلاڪار جو آهي. فن جي پڪڙ جو ٻيو ڪو مفهوم

فگر ۾ ڊلچي آيل ڪردار ڏسڻ سان ئي خيال ۾ اچي وڃي. مونکي اِهو بہ خيال آهي تہ ڪارٽون جو سروڪار، say ۽ اُنجي سچوتنا يا وار سان هوندو آهي. ڪارٽون فگر انکي اِلسٽريشن جي درجي کان مٿي وٺي، say جي وار کي ٻل ڏيندو آهي. سندر جا ڪجھ ڪارٽون اِن صف ۾ ضرور اچن ٿا. لائين جي ڪوالٽيءَ سان ڪارٽون خواہ ڪارٽون ڪار جي نجي پهچان جڙندي آهي. سندر پهچان جوڙي آهي.

مونکي خبر آهي سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي سنجيده چيزن جو سنجيده نوٽ ڪونہ ورتو ويندو آهي. گوپ ڪمل جي خلقيل ڪارٽوني - تنقيد ”هاء منهنجي نظر“ جو شايد ڪو نوٽ ورتو ويو. هاء ساهتيہ جي قسمت! خئر. سندر سنڌيءَ کي هڪ سڪيلڏو ڪارٽون ڪار مليو آهي. هن پنهنجي داخلا سنجيدگيءَ سان درج ڪرائي آهي.

■■

شڪرگذاري

مان شڪرگذار آهيان:

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو، جنهن هيءُ ڪتاب ايڊٽ ڪيو آهي.

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جو، جنهن هيءُ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

هريش ڪرمچندانيءَ جو، جنهن ڪارٽونن جي چونڊ ۾ مدد ڪئي آهي.

لڇمڻ ڀنياڻيءَ جو، جنهن هيءُ ڪتاب ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

۽ آخر ۾ صرف اينرو تہ هن ڪتاب ڇپائڻ پنيان ڪنهن تي بہ چندا وجهڻ ۽ رنجائڻ جو منهنجو مقصد بنهہ ڪونہ آهي. مون صرف نظر جو ٻيو پاسو پيش ڪيو آهي!

- سندر اگناڻي

آتائين. پر ڪنهنسان شخصي بغض ڪونہ اٿس.

مون ڪٿي پڙهيو / ٻڌو آهي تہ سندر جي چترڪاريءَ سان
ٿُهري وابستگي رهي هئي. هن چترڪلا ۾ جئپور جي مهاراجا آرٽس
۽ ڪرافٽس اسڪول مان ٽن سالن جو ڊپلوما، بمبئيءَ مان IGDE ۽
رايل ڊرائنگ سوسائٽي (لنڊن) مان چترڪلا جي الڳ الڳ شاخن
۾ ترتيب، حاصل ڪئي آهي. اڪل ڀارت سطح تي جئپور ۽ بئنگلور
۾ پينٽنگس جا نماءَ پڻ ڪيا آهن. جئپور سميلن ۾ هن اُن وقت
جي سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن جا ڪارٽون پڻ لڳايا هئا. ڪرشن
کٽوائي، جيڪو شانتي نڪيتن جو اڄا ڊسيپل آهي، سان سندر
جو تمام ويجهو ناتو آهي. اِن منجهان سندس اندر جي ڪلاڪار
جي سنسڪار ۽ اُنجي اوسر جو پتو پوي ٿو. سندر جي ڪارٽون
- فگر جي مشق موچاري آهي. سندس لائين تي پڪڙ آهي. ڪارٽون
۾ لائين جو ئي ڪمال هوندو آهي. هڪ سٺي ڪارٽون جي پهچاڻ
گهربل ماحول، ڪردار ۽ وشيہ کي، مخصوص صرفي واري لائينن
۽ لفظن جي سوجهہ بوجهہ سان استعمال بعد، طنز جي شارپنيس
کي برقرار رکندي، پنهنجي say ۾ نهايت تز ۽ چٽو رهڻ آهي
۽ نندي space ۾ وڌو ڪم ڪندي، گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ گهڻو
ڪجهہ چوڻ جو ڏانوَ هوندو آهي. تنهنڪري ڪجهہ ڪارٽون سهج
ئي ’ڪوينا‘ لڳندا آهن. ڪارٽون جي من کي ڇهندڙي پائڻ کان
(اندر تائين ڇُپي گهاوَ ڪرڻ / ڏونڌارڻ) سواء ئي ڪلائڻ جو ڪم
ڪري ٿو تہ اُهو پنهنجي مُراد ۾ رواجي درجي جو ڪارٽون آهي.
سندر جا ڪارٽون ڇهندڙيون - رهندون تہ اوس پائين ٿا، ڪيترا
من اندر هڪ ٽيس بہ اُڀارين ٿا - گهاوَ بہ ڏين ٿا. سندس ڪارٽون
صاف سٿرا هوندا آهن. ڪيترا ڪارٽون ڪلا پکش جي خيال کان
خوبصورت آهن. ڪلرفل، ها، بلئڪ ۽ وائيٽ ۾ هوندي پڻ. اڪثر
ڪارٽون ۾ فگر اندر ڪيس نالا لکڻا پيا آهن. ڪٿ تہ اِهي سندربہ
۽ شخص کي سڃاڻڻ لاء ضروري آهن. پر ڪٿ اِنڪري ڏنل
آهن جو ڪردار جو ڪارٽوني - چرتر ڊرائنگ ۾ نہ آيو هجي
يا چٽو نہ بيٺو هجي. مونکي لڳو آهي تہ سندر ۾ مخصوص ڪردار
جي ڪارٽوني - چرتر جي اِسٽڊي ۾ اڄا ڪجهہ کپي، جئن ڪارٽون

ارپيم...

فيصلو...!

2

لينن جو وارث...!

گهرو وزير...!

هو گهرو کاتي جو وزير آهي کو توهانجو گهرو وزير
کونہ آهي جو جڏهن چاهيو اُن سان گڏجي سگهو ٿا،
پڇو هتان تہ هٽائنوَ نہ ...!

مهاراشٽر سنڌي آڪاڊمي ...!

نوان ميمبر.....

ڪرپا...!

پلا مان ڇا ساهت وغيره جي دنيوي ڳالهين مان ڄاڻان
مون ته پڙهو آهي ته مان هري ديويءَ جي ڪرپا تي آهيان!

ٽيون جنم...!


پهريون دفعو
WISH U A HAPPY BIRTH DAY FEB '97
ٻيون دفعو
HAPPY B'DAY ON 9.3.97
ٽيون دفعو
HAPPY BIRTH DAY AGAIN ON 15-3-1997

ننڍي ڪوتا...!

...هاڻي مان توهانجي سامهون چند ننڍيون ڪوتائون پڙهندس جن کي چئبو آهي- قطع...!

ڏي وَٽُ...!

مون توکي پنهنجي راڄيہ جي اَڪادميءَ جو انعام ڏياريو آهي هاڻي تون مونکي پنهنجي راڄيہ جي اَڪادميءَ جو انعام ڏيارڻ نہ وسرج...!

ساهتڪار سان ڳڏجو...!

صرف ها...!

معافي...!

منهنجو خيال آهي ته آزاد ۽ اڏواڻي ٻنهي
سنڌين جي جذبات کي ڏکويو آهي ٻئي سنڌين
کان معافي وٺن...!

لداخ ۾
سنڌو درشن...!

هيءَ ڏسو هِن ڪڏي ۾ جيڪا برف ڪري رهي آهي
اُها ڳري ، پاڻي ٿي، هتان وَهي،هوڏانهن وَڃي،
هِنن جبلن جي پٺيان ۽ هنن جبلن جي هيٺان ۽
هوُ جيڪي جبل پريان ڏسو ٿا اُنهن جي مٿان ۽ پوءِ
اُو هوءَ جيڪا ماٿري آهي اُنهن جي وچمان لنگهي،
ڪشمير لتاڙي، پنجاب مان لهي، هيٺ سنڌ ۾ وَهي ٿي،
اُها آهي اَسان جي پوتر سنڌو ندي...!

ٻڌي...!

في الحال اسان سڀ متڀيد وساري اِن ڳالھ تي ايڪراءِ
تيار ٿيا آهيون تہ جيستائين سرڪار اسانکي حَق ڏيڻ
مڃي تيستائين پاڻ ۾ ٻَڌي رکون...!

لکل ايجنڊا...!

هيءُ ڏسو... مان هنديءَ ڏُوارا سنڌي ٻوليءَ کي هڙپ ڪرڻ وا
لکل ايجنڊا تي ئي ڪم ڪري رهيو آهيان. رگھوٻاران ۽ جو ا
ڪانسواءِ باقي سڀ هنديءَ ۾ ئي سنڌي لکيل آهي ۽ وري سنڌي
ليکڪن جي ورڪشاپ ۾ غير سنڌي ليکڪن هلائي آهي...!

سنڌيت...!

هيءُ پنهنجي پيءُ جي ياد ۾ ڌرم شالا ٺهرائي
سنڌيت کي زنده رکڻ چاهي ٿو. باقي ٻولي ءَ
ڪلچر جي حساب سان انگريز آهي، پر آهي سنڌي!

لائق سنڌي ..!

ڪيڏي نہ جاکوڙ بعد اسان سنڌو رتن لائق سڄي ڀارت
مان هڪ لائق سنڌيءَ کي ڳولهي لڌو آهي...!

منهنجا گيت
۽
منهنجا سر...!

ماءُ جي ٻولي...!

سامي انعام...!

سرل گيا پرڻي...!

’سرل ڳيا پرڻي‘ اهو هِنَ جو نالو آهي. اُن کان متاثر ٿي ٿي تہ هِنَ کي ڀارتيہ جنتا پارٽي سرڪار اُتر پرديش سنڌي اَڪادميءَ جو سيڪريٽري بڻايو آهي...!

لالچ...!

جتي هو فليٽ آهن اُتي هن جي بئرڪ هئي، هاڻي هي!
هتي فوٽ پاٿ تي ويٺو آهي ڇاڪاڻ ته بئرڪ جي پئسن کان
فليٽ مهانگو آهي!

دادي دهلي اڃان ڪافي دور آ...!

ٺاهُه...!

جلدي ئي اسان ٻنهي جي ڦوٽا ڇپجهون...
توهان پورا پنج سال گڏجي ڪم ڪندا رهيو ٺاهه ڪيو هئا هيئنر پنج منٽ مسڪرائي ڦوٽو ڇپرائي وٺو...!

وزني ڪوتائون...!

توهان جو اهو چوڻ تہ منهنجين ڪوتائن ۾ وزن ڪونهي سراسر غلط آهي... توهين پاڻ ئي هٿ ۾ ڪڻي ڏسو ڪيتريون نہ وزني آهن!

يادگار...!

اسان جا وڏا جڏهن سنڌ مان لڏي هتي هندستان ۾
آيا هئا ته سنڌي ڳالهائيندا هئا اُنهن جا نالا به ته هن
پٿر تي اُڪرائي ڇڏ...!

راج ڈیو..!

ويچارو اَڪادمي چئرمن ...!

...ها، هوش!

ٽي. بي
۽ ساهت
اسپيشلسٽ...!

اڪادمي چيئرمن

ॐ

چمتڪار ...!

ڏاڍو چمتڪار ...! منهنجي اڪاڊمي چيئرمن ٿيڻ شرط تون ستن ڏينهن اندر ساهتڪار ٿي ويئي آهين! اڄ توکي مکيه مهمان طور سنڌين جو شان وڌائڻ لاءِ گهرائي رهيا آهن...!

دعوت...!

داخلا...!


CAST
MURLIDHAR JETLEY
HIRO THAKUR
MOTI JOTWANI
JETHO LALWANI
KAMLA GOKLANI
SPL APPEARANCE:
SATISH ROHRA
GUEST APP.:
HARI GOREJA
FIGHTS:
KESWANI & MAST
PUBILICITY:
JHAMU/CHALLANGE
MUSIC: SIPOON
ASST. DIRECTOR:
TECKCHAND MAST
DIRECTOR:
LACHHMAN KESWANI
HOUSE FULL
NCPSL PRODUCTION
GRAND SHOW
SEMI....NAR


PRESS
NOTE

مغزن جو معيار...!

توهانجي مغزن جو معيار
تمام اونچو آهي! رنگين ڪور،
شاندار گيٽ اپ ۽ پنو،
دلڪش ڪمپيوٽر ڇپائي
سڀ لاجواب آهن...!

مبارڪون!

- نيازمند موهن اداسي



چوٽي...!

"جيڪو گهر نڱو ٺڏي سو ٻڙُ ڇا ٻڌندو...!" — چوٽي

شل مار پوين...!

سنڌي ڪتاب، مضمون
سوينئر، اخبارون
وغيره
شل مار پوي
سنڌي ليکڪن کي!

سرڪاري سنسٿائن جي پروسي ويچاري سنڌي ٻولي...!

كوجنا كيندر...!

سرکاری سیمینار...

ٻوليءَ جي صدقي...!

أكيلو عيوضي...!

سنڌي اڪادمي
دهلي ...!

ويچارو نانو...!

فئملي سيمينار...!

حلُ...!

مکيہ منتري مهوديہ اسانکي همدرديءَ سان ٻڌو ۽ چيائين سنڌي جاتي مَهان آهي، پنهنجا مسئلا پاڻ حَلُ ڪري سگهي ٿي.

نيڪالي...!

جا چيوَ، پپوءَ کي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيوَ،
پر اسين تہ هن سان گهر ۾ هندي ڳالهائيندا
آهيون،هن اسڪول ۾ سنڌي ڪيئن ڳالهائي...!

لڪ جي لوڏ...!

R.J.
إنعام
هيا... مونکي به هڪ لک روپيا انعام مليو آهي!
هڪ لک روپيا
جيئن... جيئن مونکي به هڪ لک روپيا مليا آهن انعام!

اِمداد...!

ليکڪ جو سواگت...!

هي ۽ سڀ سنڌيت جا شيدائي آهن. انهن ٥٠٠-٥٠٠ روپيا ڏنا آهن، انهن جو بہ سواگت ڪبو...!

چندو...!

سنڌي ٻوليءِ ساهت سميلن
اُها ڇا ٿيندي هئي...؟
سيٺ صاحب، هيءَ
سنڌي ٻوليءَ جو سميلن
لاءِ نه پر ٻوليءَ لاءِ چندو

پنج منٽ...!

مکيہ مهمان !
۽ صدر!!

آمريڪا ياترا...!

تي ۾ آمريڪا جي ياترا تي وڃي رهيو آهي، اهو ڏسڻ لاءِ تہ
تي جي سنڌين سنڌي ٻولي ڪيئن قائم رکي آهي...!

سنڌو رتن...!

ياشا منتري..!

سنڌي اڪادمي!...پر سڄو پروگرام هنديءَ ۾ پيش ڪندا...
ڏو سٺو پوءِ تہ مان توهانجي پروگرام ۾ ضرور ايندس ۽ گرانٽ
وڏائيندس...!

اِنٽرڪاسٽ دائرو...!

توهانجي دوست جي ڌيءُ جي شاديءَ جو ڪارڊ آهي
لکيو اَٿائين: سنڌي ٻوليءَ جو دائرو وڌائڻ لاءِ گجراتيءَ
سان شادي ڪري رهي آهي...!

آيو لال ... !

پايو شال...!!

هَلو...سائين، توهانجون اڳئين سال ڏنل شالون ئي
گولہ وڪاميون آهن تہ هيون وري ڪيئن موڪلي
رهيا آهيوا مهرباني ڪري هاڻي شالون پارائڻ بدران
سنڌيت جي پريمين کي چئو تہ توهانکي روڪ ڏين...!

ڪملا گوڪلاڻي...!



منتري مهوديه، هيءُ ڪتاب مون خاص اُنهن ماڻهن جي پڙهڻ لاءِ ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپايو آهي جيڪي سنڌي ٻولي نٿا سمجهي سگهن ته گهٽ ۾ گهٽ اُهي پڙهي ته سگهن...!

اَج جو عُمَرُ...!

پُرُش ۽

प्रकृती

(ڪوتائون)

موتيلال جوتواڻي

اورل پيپر...!



پيپر نه لکي اچي سگهڻ جي حالت ۾ مان پنهنجو پيپر زباني (ORAL) پڙهندس...!
SINDHOLOGY
NCPSL
SEMINAR

ناٽڪ جو ليکڪ...!

پڪ نڪ
ليکڪ :
پريم پرڪاش
DRAMATHCATER
ENTRY BY INVITATION ONLY

اعلان...!

...هنن اڳم ئي چئن لکن ويهہ هزارن روپين جي ڪوٽ ڏيکاري آهي. باقي پروگرام نہ ڪري سگهڻ جو اُن کان وڏو بهانو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو...!

پيپر تيار...!

سيمينار لاءِ اسانجا پيپر تيار ٿي ويا...!

ساجن جي نيلامي...!

(ناٽڪ: ليکڪ ايم. ڪمل)

آخباري پل...!

راجستان
سنڌي اڪادمي
جن به اخبارن ۾ ٿو ڏهان پنهنجيءَ ساراهه جا ليکه موڪليا هئا انهن جون ڪٽنگس وٺو...!
...هاڻي تون انهن جو فائيل ٺاهي ڏي ته اڪادمي منسٽر کي وڃي ڏيکاريان!

پيپر...!



پاٺڪ...!

سنڌي ٽائيمس
آخرين سوال، توهانجي پنهنجي اخبار جا پاٺڪن بابت ٻڌايو...؟

دهليءَ جا ڪوئا...!

جَنَ آڏار...!



توهان هال ڀرجڻ جي چنتا نہ ڪريو مون هتان جي مڪاني
سنستا جي پريزيڊنٽ کي پنهنجيءَ اڪاڊميءَ ۾ ڪنيو آهي،
هو اجهو ٿو ماڻهن جون بسيون ڀرائي وٺي اچي...پوءِ ڏسجو
پنهنجو جَنَ-آڏار!

سنتن جي ليلا...!

سنتن جي ليلا اپرم پار آهي...!

اَنوادڪ...!

دَرَ اصل هيءَ هنديءَ جو 'ميران پرسڪار' انعام يافتہِ
ليکڪ آهي پر جيئن تہ هيءُ سنڌي آهي انڪري مان
هِنَ جو هنديءَ مان سنڌيءَ جو انوادڪ آهيان...!

سنڌي نيتا...!

..ڀائيو، اب انت ۾ سنڌي ۾ تين بار آپ سب ميري سات
نعرا لڳائيئي: "سنڌي آهيون - سنڌي ڳالهايو، ...سنڌي آهيون-
سنڌي ڳالهايو، ...سنڌي آهيون سنڌي ڳالهايو...! جئي ڀارت!"

اِنعام...!

...پر گهٽ ۾ گهٽ مونکي اِهو تہ ٻڌايو تہ مون ڪهڙو ڪتاب لکيو آهي جنهن تي توهان مونکي انعام ڏيئي رهيا آهيو...!

سرڪاري شاعر...!

...اسانجي اَڪادميءَ همت اَفزائيءَ طور هنن مهان ڪوين جي پهرين رچنائن جو سواگت ڪندي کين ٻه ڪوتا پڙهڻ جو اڍائي - اڍائي هزار روپيا اُجورو ڏنو آهي...!

لال پشپ...!

هوائي پرچار...!

هِڪُ ورهاڱو!
هندستان جي آزاديءَ خاطر اسين ديش جو ورهاڱو قبول ڪنداسين
سنڌ
ڪانگريس
ٻيو ورهاڱو!!
سنڌي اڪادمي دهلي

آخر ڦاٽو...!

...ملي ويو اکل ڀارت سنڌي ٻولي
۽ ساهت سڀا لاءِ نئون پرڌان!

सिंधी अकादमी

(ديوناسريءَ ۾)



سنڌيءَ ۾...!

...ترس، اهو تو سنڌيءَ ۾ ڇا لکيو آهي پڙهي مان ئي نٿو سگها
ان کي ڏاهي هنديءَ ۾ لکہ کنهن پڇيو تہ چوندس:
ديوناگري سنڌيءَ ۾ لکيل آهي...!

مشهور سنسٿا ...!

سنڌي منتري...!

اُتر پرديش سنڌي اَڪاڊمي...!

اُتر پرديش سنڌي ساهت اَڪاڊميءَ ۾ هڪ ٻہ سنڌي ساهتڪار کي ڪونہ کنيو ويو آهي... هڪ خبر.

-- صرف ڪار سيوڪن کي کنيو ويو آهي اَيوڌيا ۾ رام مندر ٺاهڻ لاءِ.

جئہ شري رام...!

NCPSL
SEMINAR ON AMAR SHAHEED
(SAINT) KANWAR RAM BBY.
JAI SHRI RAM
जयश्रीराम
K.L. TALREJA
COMMUNAL

ورهاڱو!

ڪتابن جي پهچ ۴...

منهنجو رايو...!










نابالغن لاۓ
کهاٹیون،
پریم پرکاش


بالغن لاۓ
کهاٹیون
پریم پرکاش





رهندڙن جو جائزو...

منهنجا پيارا ڀاءُ سندر،

جن سان سنيهه هوندو آهي انهن سان خط لکڻ وقت يا فون تي ڳالهائڻ وقت انهنجو چهرو اهڙو چٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي جو اُن متر کي پنهنجي سامهون ئي پيو ڏسبو آهي!

سندرا ڪي مشڪندا آهن ته انهن جا ڏند ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن پر تون مشڪڻ مهل به کلندو رهندو آهين جنهن ڪري ڏندن جي قطار (مٽئين) ڏسڻ ۾ ضرور ايندي آهي! پر مونکي اِها خبر ڪين هئي ته اسانجي وهنوار کي اهڙي چٽيءَ طرح ڏسي تنهنجو دماغ به تنهنجيءَ دل کي ساڻ ڪري ائين کلندو رهندو آهي! ڀُٽيهن مان ٽيهه ڏند ڏيکاري!

منهنجي سمجهه موجب ته ان نموني ڇهندڙيون ۽ رهنڊون ضرور پائڻ گهرجن نه ته اڳلا سمجهندا آهن ته اسانجيون چالاڪيون ڪير ڏسي ئي نٿوا يا شايد ائين سمجهندا آسن ته پل ڏسي ٻڌي رهيو هجي پر اِهو ڳيدي ڀُٽونگو دال ڇوٽونگو مونکي ڇا ڪندو. وڏي ڳالهه ته رهنڊون پائڻ تي دل هوندي به گهٽا دشمن وڌائڻ نه چاهيندا آهن.....

ڪارٽونسٽ جو جهڙو تهڙو ماڻهو ٿي نه سگهندو آهي. ان هنر ۾ اونهي سمجهه، مذاقي نموني ظاهر ڪيل ڳالهه کي خاص ڍنگ سان پيش ڪرڻ ۽ چيل ڳالهه کي پوريءَ طرح سمجهڻ وارا گڻ ڪپندا آهن. ڪارٽون ڏسي ڳالهه سمجهڻ وارا پڻ اهڙن ئي گڻن جا مالڪ هجن تڏهن ئي ٺهڪ ڏيئي سگهندا.

مون ته ڏاڍو کليو، خوب ٺهڪ ڏيڻ بعد روئي پيس! ڪيڏانهن ويا اُهي ڏينهن سندر؟

ڪتاب جي ڪور تي به سندر آهي جو دِل مان قلم ٻوڙي اُن کي تکي ڇهنب سان لکي رهيو آهي!

اندر هڪ - هڪ صفحو ڏسي ۽ پڙهي ائين لڳو ته سندر اڳيون سندر ئي آهي. اُهو ئي سياڻو، مستي ڪندڙ ڳڀرو جوان! سچ مونکي هڪ هڪ ڪارٽون ڏٺو چاڪاڻ ته سچائيءَ جو عڪس هر هڪ ۾ نمايان هو.....

هاڻي خط کنهن کي به ڪين لکان. تنهنکري شايد تو مٿان پنهنجي سڄي ڪسر ڪڍي لنبو خط ڪري لکيو اٿم (نوٽ : خط اڍائي وڏا صفحا آهي)... گهڻن گهڻن پيارن مان،

پوپٽي هيراننداڻي (بمبئي)



ملئين ڪتاب جي ٢٥٠ ڪاپين مان ٢٥٠ ڪاپيون
مفت ۾ موڪلڻ بعد به ١٠٠ ڪاپيون بچي پيون آهن
پنهنجي نئين ساهت پريمي ء جي اَڊريس موڪلي
منهنجو ڪبٽ خالي ڪرڻ ۾ مدد ڪريو ۽ موٽ ۾
حاصل ڪريو منهنجي نئين ڪتاب (پريس ۾)
جي ڪاپي بلڪل مفت ! ...۽ پهچ ڏيڻ جي هندڻ(؟)
ڪان به بلڪل مڪت !!

اپيل جو جواب

ملئين ڪتاب جون ٻه - ٻه ڪاپيون موڪلي ۽ منهنجي
ساهت پريمي ء (منهنجي پتني ء) کي ملي چڪيون
آهن. هڪ هڪ سميلن وقت اسانکي روبرو ڏنو ۽ ٻي
ٽپال رستي موڪليو. هاڻي پنهنجي نئين ڪتاب جي
منهنجن ٻن ڪتابن سان ملا سنا لاء تيار هجو ته توهان
جي اپيل اونائيندا سين، ڳوڻ ۾ ڪافي جڳهه آهي !

- ڪوي/ ڪهاڻيڪار/ ناٽڪ وغيره

۾ صفحي ٢٤ تي ’نوس ڪم‘ بہ تز طنز آهي. ائين تہ هڪ - ٻہ ڪي ڇڏي سڀ رهنڊون ڇمڙي ڇيريندڙ آهي. ’ڪجھ توهان بابت....‘ تہ ڏاڍو سندر لکيو اٿيئي، جهڙو سندر هر دل آهين.

گنگارام سمرات (احمدآباد)

تنهنجيون ’رهنڊون‘ پڙهيون...ٿوريون لڳيون بہ - البت دوستيءَ جو لحاظ ڪري اهڙيون آهستي پاتيون اٿيئي جو ٿڌڙا ٿيون لڳن. ڪي دوست رهنڊن بدران رانبوٽا پائيندا ٿا رهن. پيج ٣٩ تي ’نوس ڪم‘ وارو ڪارٽون وٺيو جو اهو دشاهينتا جي سمپاونا ڏانهن سڌو ڏيان ٿو ڇڪائي.

سنيش روهڙا (آديپور)

تنهنجو ’رهنڊون‘ پهتو آهي. پنهنجي، تنهنجي ۽ ٻين ڪيترن اديبن تي پاتل رهنڊون ۽ رانبوٽا ڏٺم. ڪِن ڪي تہ اجا ڪرنديون هونديون. مزو آيو. ايترو تہ فراخدل ٿيڻ ئي گهرجي. ڪارٽون جو ڪَمُ ئي آهي وندرائڻ. وندر سان گڏ سکشا بہ ڳرهڻ ڪرڻ گهرجي. ڪارٽون جو اِهو بہ هڪ ڪم ٿيندو آهي.

هري موٽواڻي ”سنڌي“ (بمبئي)

ادا، تنهنجو ڪارٽونن جو ڪتاب ’رهنڊون‘ مليو. سرسري نظر سان ڏسي ويو آهيان. ڪجھ پڙهيا اٿم، پر ڪل ملائي تنهنجي ڪوشش هر نقطي کان بي جوڙ ۽ مبارڪ قدم آهي. سنڌي ساهتيہ ۾ ڇا پيو وهي واپري، اِهو سڀ ڪارٽونن مان پسجي پيو واه! واه!! ڪانو پيا موتي چڳن. هڪ اثردار طنز آهي. هڪ دفعو وري بہ واڌايون.

هري همٿاڻي (اجمير)

تنهنجو ڪتاب ’رهنڊون‘ تنهنجي اندر جو اُهو دٻيل جذبو آهي، جنهنکي ’دلي سلام‘ ڪندي فخر ٿو ٿئي.

مدن جماڻي (بمبئي)

’رهنڊون‘ گهڻو ڪجھ ٻڌائين ٿيون.

ارجن حاسد (احمدآباد)

’رهنڊون‘ ۾ ڪارٽون جي اوهان پيش ڪيا آهن سي بي - مثال آهن.

پروفيسر ڊي. ڪي. منشاراماڻي (بمبئي)

ڪارٽونن جو ڪتاب بروقت ڏسي ويس ۽ تنهن ڏينهن گوپ ڪمل ۽ واسديو موهيءَ سان گڏ رات جو ماني هئي، اتي ڪٽي ويس. سڀني جو رايو اِهو بيٺو تہ سندر ڪي سڀ ڪم ڇڏي صرف ڪارٽون ڪڍڻ کپن. هن ڪيترن ۾ ڪوبہ اسان وٽ تو ڪانسواءِ ڪونهي. شخصي طور مونکي ڪارٽون تمام وڻيا، صرف هڪ ڪارٽون ’جهوليلعل‘ وارو سٺيءَ Taste ۾ نہ آهي، پر ڪارٽونسٽ کي هر قسم جي آزادي ٿيندي آهي.

موهن گيهاڻي (دٻئي)

توهانجو نئون ڪتاب 'رهندون' اڄ پهتو. مون دڪان تي وڃڻ کان پاڻ روڪي، پهرين هيءُ ڪتاب پڙهيو. موزون وقت تي تمام سٺي شيءِ آهي. جا ڳالهه هڪ ٻئي ڪتاب ۾ ڇپي نه سگهجي هان، اها هن نورن صفحن ۾ تمام زوردار ۽ ڇهندڙ نموني ۾ ظاهر ٿي آهي. ظاهر آهي هيءُ سڀ ڪارٽون ويڇهرائيءَ ۾ ٺهي نڪتل آهن. توهان اينرو وقت ڪيڏي هيترا ڪارٽون ڪيڏي سگهو آهيو اهو ڏيکاري ٿو ته اڄ جي ڏڏکو ڏيندڙ حالتن توهانجي اندر ۾ ڇٽو ماندڻ مچايو آهي. اڄ جي ڏکدايڪ حالتن کي ڏسي مان اڪثر سوچيندو هوس ته اهڙو ڪو سورهيه نڪري جو وڏي واڪي پنهنجي ڊانهن ڪري.

توهان اِهو سورهيه نڪتين. مبارڪون. هڪ دوست جي ناتي منهنجي دل ڦولجي ويئي آهي. ڪلا جي خيال کان به ڪارٽون سٺا نڪتل آهن.

ڪرشن ڪٽواڻي (اِندور)

توهانجي ڪارٽونن جو ڪتاب 'رهندون' پهتو. توهانجي ڪوڙي ساراهه نٿو ڪريان. مون ۽ سوينا گڏجي خوب enjoy ڪيو ۽ وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا. سنڌي جڳت جي اٿوٽندڙ حقيقتن کي ڪٽي تو واهه جي طنز ڪئي آهي. ڪي ڪارٽون ته ڪافي سٺا آهن. ڪنهنڪي ڪونه ڇڏيو اٿيئي. گهڻن جا ڇوڏا لاٿا اٿيئي. معاڳ ۾ لڪيل ويچار به ڪافي تز هوا ۽ ڪيترن بيهودگين تان پردو فاش ڪيو اٿيئي. مان توکي دلي واڌايون ٿو ڏيان. برش کي اڃا به تکو ۽ گهرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، پوءِ پل اِهو منهنجي خلاف ڇونه هجي. سچ کي دل سان داد ڏيڻ گهرجي.

ڪيرت ٻاٻاڻي (بمبئي)

'رهندون' مليو. مهرباني. مٿاڇري ڏسڻ - پڙهڻ سان ئي وقتائتو ۽ اهم لڳو. جيڪڏهن سڏپاونا سان ڇهندڙيون به پون ٿيون ته اُهي سوچڻ - سمجهڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون. توهانجيون رهندون به ان ڪري مليون آهن. يارن جو زيادتون - چشمن تي!

گوبند مالهي (بمبئي)

'رهندون' مونکي بيحد پسند آيو آهي. ڪارٽون ڏسي خوب ٽهڪ ڏنم ۽ توکي داد ڏنم ته پارت ۾ سنڌي ساهتيه ۽ ساهتيڪارن بابت توهانجي ڄاڻ ڪيڏي نه وشال ۽ صحيح آهي. هڪ هوشيار ڊاڪٽر / سرجن جيان توهان اسانجي ڦٽن ۽ ڦرڙين کي نيڪ سڃاتو، بلڪل تز جڳهه تي پنهنجي طنز جو نشتر هلايو ٿا. سنڌي ادب ۽ اديبن تي مذر مذاق جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي جو منهنجي نظر تي چڙهيو آهي. پڙهي خوب مزو آيو. منهنجيون مبارڪون.

هري دلگير (آديپور)

'رهندون' اڄ مليو. اڄ ئي پڙهيم جو منهنجي ذائقي جي چيز هئي...صفحو ١٥ تي سمينار جو ٽڪو پڙهي چرڪ نڪري ويو. صفحو ٢٥ تي ساهت اڪادمي انعام بهترين طنز آهي. ان ئي طرح صفحو ٣١ تي ڪامريڊن جي ترمورتي ۽ صفحو ٤٧ تي ذرا ترس ۽ آخر ۾.....مفت ۾...ها، صفحو ٣٥ تي 'اپامڪاري'

ٿي اچي. ڌنيواد. ايشور توهانکي لنبي عمر ۽ شاندار صحت بخشي ته جيئن توهان سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي عمدي شيوا ڪري سگهو.

ڀڳوان ڏي هراڻي (چيئرمن: آرميڪا گروپ)

توهانجو 'رهنڊون' ڪتاب مليو. وڏي مهرباني. توهان دور درشي ٿي چئو ٿا ته پنجويهن سالن ۾ ''سنڌي هندوءَ'' جو ڇا ٿيندو. ان لاءِ يڪمشت ٿي ڪجهه سوچڻ کپي. ان لاءِ توهان همٿ ڪري پنهنجي دل، دماغ جي برڪ ودوانن کي ڌونڌاڙيو آهي. 'رهنڊون' پنهنجي مخالفت نه سمجهن، پر سماج جي وڏي ڪم لاءِ پنهنجي اهنڪار کي ماري، نئڙت ۽ حليمائيءَ سان وهنوارڪ ڪم ۾ لڳن. توهانجي محنت، ياونا سڦل وڃي.

نولرائي ٻڇاڻي (چيئرمن، راجسٿان سنڌي اڪادمي)

تنهنجو نئون ڪتاب 'رهنڊون' ڪارٽونس جو مليو. ڪتاب ۾ تو پاڻ موڪيو آهي. مونکي وڻيو. تنهنجي ڪتاب وري ڪجهه ته ترقي پسند درشن ڪرايو آهي. سچ جي ساک پيري آهي. انياءَ جي خلاف آواز اُٿاريو آهي، ٻوليءَ جي حق ۾. اُن لاءِ تون داد جي لائق آهين.

هوتو سنڌو پياسي (جئپور)

ادل، رهنڊون مونکي ٻه لڳيون آهن، پر رت ڪونه نڪتو. رت نهي ٿي ڪونه ٿو سو نڪرندو ڪٿان. چوندا آهن چاچي ٻه چئي پيو ۽ ڇهنڊڙيون ٻه پائي پيو.

لڇمڻ نردوش (بالوترا)

'رهنڊون' پهتو. اوهانجي رهنڊن ته اندر کي رهڙي رت ڪڍي ڇڏي. ليڪن رهڙ مني هئي. ڪٿي - ڪٿي ننهن تکو ٻه لڳو. واه سائين واها ڇا ته اسانجي اندر جي ڳالهه ظاهر ڪئي اٿو. سو ٻه ڪارٽون جهڙي ڏکئي قسم ذريعي. ڏسي ۽ محسوس ڪري منهنجو ته اندر ئي ٺري ويو. خاص ڪري اِهو محسوس ڪري ته سنڌيءَ ۾ ٻه کي زبردست طنزي نموني ڪارٽون ڪڍي سگهن ٿا. اوهانجا سڀ ڪارٽون وشيه ۽ مقصد جي محاظ کان سُو سيڪڙو ڪامياب ثابت ٿيا آهن. سنڌي ٻولي، ساهت، ليکڪ، سنڌي ساهت / ٻوليءَ نسبت نام نهادن جي پاليسي، سوارٿ، گندي راڄنيتي، هڪ ٻئي جي اوگهڙ وغيره وشين کي اوهان سهڻي نموني ساڪار بڻايو آهي. ساهت ڪيتر جو يعنيٰ سنڌي ساهت جڳت جو نقشو ئي پيش ڪيو آهي. اوهانجا ڪارٽون ڪوڙو سچ آهن. ڪن کي ضرور ڪنڪنائي ڪندا ته ڪي مچرجندا. ليڪن حقيقت ٿي آڏاريل انهن ڪارٽونن لاءِ اوهانکي ڪوبه داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو. اوهانکي دلي ۽ گهڻيون واڌايون.

لڇمڻ هردواڻي (احمدنگر)

سمجهون ڪيل ’رهندون‘ نه پهتيون، پر يار، منهنجو نه دم ناهي هيڏو ڪتاب سانڍي رکڻ جو. جيڪو تو ڏسي ٽيبل تي، ڪٽي تو وڃي ۽ ورائي موٽائڻ جي نٿو ڪري....وڪاس بورڊ ۽ اڪادمين جا انعام حاصل نه ڪونه ڪري سگهندين هن ڪتاب ڪانپوءِ!

هري پنڪج (سنڌو نگر)

’رهندون‘ مليو. وٽيو، خوب وٽيو...سنڌي ساهتيه ۽ ادب جي کيتر ۾ توهانجي اِها وڌايل وِک، انيڪ سياسي اديبن کي کيازي ڪنهڻ لاءِ مجبور ڪندي.

چمن شرما (احمدآباد)

’رهندون‘ ڪن لاءِ رانبوتا بڻجنديون اهڙو وشواس اٿم مگر ڪنهن جي دل کي ڇهنديون، سوچڻ لاءِ مجبور ڪنديون، اهڙو وشواس نه اٿم.

ٽيڪچند مست (سنڌو نگر)

’رهندون‘ ڪتاب ۾ ’ڪجهه توهان بابت...‘ ۾ ڪي نوس حقيقتون قلم بند ڪيون اٿو، جيڪي وقت به وقت اخبار ۾ پيون پڙهبيون آهن. طنزي طور توهان انهن جي اوگهڙ ڪئي آهي ۽ عوام تي ڇڏيو اٿو ويچار ڪرڻ لاءِ....’سنڌين کي ڪلا جي پهچاڻ بنهه ڪانهي‘ اِها توهانجي تهمت سؤ سيڪڙو درست آهي. توهانجي ڪارٽونن ۾ طنز - مذاق هڪ دم راس آيو. ڪلپنا ڪرڻ ۾ پڻ ڪا ڪسر نه ڇڏيل آهي. سنڌي جاتيءَ جي سرڪدن کي چٽي ڪن مهڻ ڪيل آهي... سني چيتاوني آهي. توهانجا ڪارٽون سڄاڳي آڻڻ لاءِ سٺو ذريعو آهن.

توهان ڪارٽونن ۾ Anotomy جو اُپيوڳ گهٽ ڪيل آهي، ان ڪري ڪجهه ڪمزوري رهجي ويئي آهي. Facial Expression ۾ به ڪجهه ڪوتاهي آهي. باقي خيال ۽ رچنا هڪدم پڪي پائي تي بيٺل آهي.

ايم. او. تلريجا ’چترڪار‘

واه، واه، واڌايون، مبارڪون. ادل، تنهنجو ڪارٽونن جو ڇپيل ڪتاب ’رهندون‘ ڏسڻ سان ئي مزو اچي ويو ۽ پڙهڻ سان دل ڍاپي ويئي. هن کان اڳ پورو ڪارٽونن جو ڪتاب صرف آر. ڪي. لڪشمڻ جا پڙهيل آهن. سنڌيءَ ۾ پورو ڪتاب ڪڍي تو وڏو وڙ ڪيو آهي. ڇپائي ۽ بيهڪ به شاندار آهن.

هيرو هٺوراڻي (بمبئي)

’رهندون‘ ڪتاب ۾ ڏنل ڪارٽونن لاءِ هڪ وڏي، مڪمل، ساڪيات ڇمي!

گنو سامتاڻي (بمبئي)

توهانجو ’رهندون‘ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وٽان مليو. پڙهي ۽ ڏسي تمام ٺهڻو آنند آيو. سڀ کان سهڻي ڳالهه مونکي اِها لڳي ته توهانجي ڪارٽونن ۾ حالتن جو مطالعو ۽ بي رياءُ جائزو توهانجي ڪارٽونن کي مظبوط زمين پردان ڪن ٿا. ڪٿي نه ڪارٽون مان هٿ پاونا، حسد يا تنگ چڪڻ جي بوءِ ڪونه

سٽيڪ آهن. سنڌي ادب ۾ ڪارٽوني ادب جا بانيڪار توهان ۽ ياءُ سنڌو ڀارتي آهيو. هڪ اڇوتي صنف کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻائڻ لاءِ جس هجيو.

ڊولڻ راهي (اجمير)

'رهنڊون' مان گهڻو سڪون حاصل ٿو ٿئيم. گهڻو بولڊ بڻيو آهين.

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي (احمداباد)

'رهنڊون' يڪدم سڄو نظر مان ڪڍي ويس. دل کي ڇهندڙ ۽ گهاوَ گهرا ڪندڙ آهي.

ڪمل پياسي ۽ انيتا پياسي (گانڌي نگر)

تو وٽان ڪارٽونن جو مجموعو 'رهنڊون' مليو. ائين لڳو جيئن رڃ ۾ اچانڪ بونڊون وسن! ڏاڍي خوشي ٿي. هونءَ نانڪ ۾ چاھ ۽ ساهت رچنا ۾ تنهنجي پاڳيداريءَ جي ڄاڻ آهي پر تنهنجيءَ ڪلا جو هيءُ روپ پهريون دفعو ڏٺم. سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت بچايو جي ڪوڪلي پَڙَ تي مونکي به نراسا ٿيندي هئي پر سڄ چوڻ جي ڪڏهن همٿ نه ٿي. تنهنجيءَ همٿ کي داد ٿو ڏيان.

راڌا ڪرشن گرناڻي (جبلپور)

توهانجي نئين سال جي سوکڙيءَ لاءِ مهرباني. توهانجي سينس آف هيومر پسند آيو ۽ خوب مزو آيو.

ريتا شهاڻي (پونو)

'رهنڊون' مليون. شل تنهنجا ننهن سدائين تکا هجن ڪڏهن ڇهنڊون نه ڪڏهن رهنڊون. انهن مان ڪم نه ٿيو نه شايد اڳتي هلي چڪ به پائين. سنڌي ادب لاءِ اِهو ضروري علاج آهي. پر ڊوز البت گهٽ لڳو....ٻاهران سهڻيون ۽ گل ۽ اندر خار، اِها به ڳالهه وڻي.

چترو ناگپال (بئنگلور)

'رهنڊون' پهتو. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي جو رهنڊون پائڻ جي همٿ ڪئي اٿوَ. پر ادا، هٿ نه هاٿيءَ جي ڪل آهي، سوئي شل رت نڪري - ايذاءُ اچي!؟

نند ڇڳاڻي (سنڌو نگر)

رات....رهنڊون پئي پڙهيم، ڪلي ڪيرو ٿيس. خوش هوندين يار....منهنجي خيال موجب جيڪي تندرست طنز ۽ موهيندڙ مذاق ڪري سگهن ٿا، اُهي خوش مزاج، رحمدل ۽ درياهه دل هوندا آهن.

هولارام 'هنس' (ٿاڻا)

'رهندون' ڪتاب مليو. هوءَ نہ سهڻيءَ طنزي ڪارٽون آهن ۽ انهن دل جي گهرائين تي ڇهيو بہ. ہر تمام گھڻو متاثر جن ڪيو سي آهن : 'بہ پڌا'، 'سڪندر عمر'، 'ڊرا ئورس'، 'ٻالٽو ليڪ'، 'اڪادمي چترمن' 'گجرات اڪادمي'. جيءَ ڪارٽون ڪتاب سنڌجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مون ڏٺو آهي.

نند لال پرسراماڻي (سلومبر - اُڏيپور)

'رهندون' مليم. ڪارٽون ڏٺم.
طنز رچناتمڪ ۽ صحتمند ۽ اثرائتي لڳي. واڌايون هجنو.

ارجن سڪايل (سنڌو نگر)

تنهنجو ڪارٽونن جو ڪتاب 'رهندون' پهتو. حقيقت ۾ اهو ڪتاب مونکي هري پنڪج ناراڻ ياتيءَ جي سنمان ۾ سڏايل ميڙ ۾ اديبن وٽ ڏٺو هو. هن مونکي اهو شرط سان صرف هڪ ڏينهن لاءِ ڏنو هو تہ آءٌ ڪيس ضرور واپس ڏيان ۽ سچ پچ مون صرف هڪ ڏينهن ۾ جڏهن طرح سان ڏسي ڪيس واپس ڪيو هئو. هونئن گلتمور ۾ ٽيڪچند مست پاران سڏايل ان سنمان ۾ اهو ڪتاب گهڻو ڪري سڀني اديب دوستن کي ڏنو ويو هئو ۽ سڀني ڪافي شونق سان ڏٺو هو ۽ ساراه ڪئي هئي. اهو ساڳيو ڪتاب شري هري پنڪج سنڌو يون سرڪل پاران هر ٻئي چنڇر تي سڏايل ادبي ڪلاس ۾ بہ اتي آيل اديب دوستن کي وڏي فخر سان ڏيکاريو هو ۽ تازو ساڳيو ڪتاب مون ڊاڪٽر ارجن سڪايل وٽ بہ ڏٺو هو. پر اڄ مون وٽ بہ آهي!!

لڇمڻ يو. ڪڪڙيجا(ڪارٽونسٽ - ڪلاڪار)سنڌو نگر.

''رهندون''
ڪجلي تہ ٿي.....
'مٿو جريوا'.....مقصد کي سلام.

نامديو تاراچنداڻي (پاونگر)

تنهنجو ڪتاب 'رهندون' مليو، ڏاڍو وڻيو!

ڀڳوان ٿلواڻي (اجمير)

نئين سال جي نئين سوکڙي ناياب تحفو 'رهندون' ڪارٽون پستڪ جي ڪاپي ملي، ان لاءِ ڌنيواد. هندو نموني ۾ ضرور لڳندس. سنڌي ساهتہ ڪارٽون ڪلا ۾ پٺتي پيل آهي، اُن ڪميءَ کي توهان دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي!

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي (اجمير)

تنهنجو ڪارٽون جو ڪتاب مليو. پڙهي خوب مزو آيو. پر مجموعي جي لحاظ کان ڪارٽون ڪافي گهٽ پئي محسوس ٿيا. اجا وڌيڪ هجن ها. لڇمڻ ۽ تنهنجي پاران پيش لفظ ۽ ڪارٽون ڪلا بابت ويچار ۽ وضاحت بہ ڪافي

سنڌي ساهتيه ۾ اهڙي خاص فن کي لکڻ لاءِ توهانکي منهنجيون دلي واڌايون آهن. سنڌي ڀاشا ۾ ڪارٽونسٽ ڪي ورلي آهن، ان ۾ توهان جهڙي فنڪار تي سنڌي ساهتيه کي فخر رهندو.

ڊاڪٽر نرملا آسناڻي (ڀاونگر)

تنهنجي سندر سوکڙي ڪارٽونن جو نئون ڪتاب 'رهنڊون' مليو. تنهنجي ڪارٽونن جي ڪلا جي تہ مونکي اڄ تي خبر پوي. جيئن چريو يا ٻالڪ ڪنهنجي بہ پڳ پري سيا ۾ لاهي وٺندو آهي تيئن ڪارٽونڪار بہ پتر تہ اهڙو نشاني تي هٽندو آهي جو لڳندڙ جو حال بيحال تہ ٿيندو ئي آهي پر ڏسندڙ اندر ئي اندر مسڪرائڻ ڪانسواءِ رهي ڪونہ سگهندو آهي. جيڪا ڪلا گهٽن جي من ۾ مسڪراهٽ آهي ۽ ٿورن کي ستائي تنهن ڪلا ۾ تو چڱي ماهرتا حاصل ڪئي آهي. بنا ننهن جي ئي چڱيون رهنڊون پاتيون اٿيئي - واهہ.

گوبند حڪماڻي (جئپور)

'رهنڊون' هڪ سلجهيل، بيباڪ، پاڪ مقصد ۽ روشن دماغ جو هڪ اهڙو دستاويز آهي جيڪو مصروف زندگيءَ مان معمولي وقت وٺي نوس ثبوتن ذريعي انهن چهرن کي بي نقاب ڪري جنتا جي عدالت ۾ آڻي کڙي ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي.

پروفيسر ارجن ڪرپالاڻي (بياور)

'رهنڊون' پهتو. اصل دل ٺري پيئي. واهہ، واهہ ڇا تہ تنبيهہ / طنز ڪئي آهي اڄ جي نام نهاد سنڌي نيتائن / ساهتڪارن / بلئڪ ميلرن کي آرسي ڏيکاري اٿو. شاباس هجيو. لک بار شاباس. ڪو تہ هجي جو ڪين سچ چوي!

ڪيمن موٽلاڻي (ٻئراگڙهہ - ڀوپال)

'رهنڊون' پهتو. ڪارٽونن ۾ طنز زوردار رکي اٿو....ڪجهہ بہ هجي، ڪي ڪوڙا سچ توهان ڪارٽونن ذريعي ظاهر ڪيا آهن، تنهن لاءِ آفرين.

منوهر نهالاڻي (احمدآباد)

CS
20

Reg. No. MAH 745 TNA 3
Licence to post-Pre payment Licence No. 10

SINDHI TIMES

(Registered as a Newspaper in India)
Registered No 6372/62

...لپي بدلائڻ بابت
جواهر لال نهرو جا ويچار!

"...لپي بدلائڻ هڪ اهم ڦير آهي،
چو ته اها لپي ان ٻوليءَ جي ساهتيه
جو اڻوٽ حصو آهي... لپي بدلائڻ
سان نئين ۽ جهوني ساهتيه جي
وچ ۾ ديوار کڙي ٿيو پوي، جنهنکي
پار ڪرڻ ناممڪن ٿيو پوي. اها
ٻولي مرده ۽ ڏاري ٿيو پوي."

(سرڪاري ٻولي رپورٽ ١٩٥٦ - صفح:٢٢٩)

چا توهان سنڌي ٻوليءَ کي مرده
۽ ڏاري ڪرڻ چاهيو ٿا؟ جي نه ته
سنڌي ٻولي سنڌي لپيءَ ۾ سکو!

(اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان جاري ڪيل)

BIYO PASO By : SUNDER AGNANI

Sindhi Times Publications
EDITED BY : DR. PREM PRAKASH